# بڻايون سُک جو ڪو سنسار

هيءُ گيت عبدالڪريم ”گدائي“ جو لکيل آهي. هو جنوري 1901ع ۾ جيڪب آباد ۾ ڄائو هو. پوسٽ کاتي ۾ ملازمت ڪيائين. جتان رٽائر ٿيڻ ڪان پوءِ صحافت سان لاڳاپيل رهيو. سٺو شاعر هو. نظم ڪان سواءِ نثر بہ لکيو اٿس، سندس شاعريءَ جا ٽي مجموعا ”پکڙا ۽ پنهوار“، ”ساڻيهہ جا سور“ ۽ ”پيماني تي پيمانو“ ڇپيل آهن.

هڪٻئي سان حقارت چاهِي؟ انسانن سان نفرت چاهِي؟
ڪِينو ساڙ ڪدورت چاهِي؟ مذهب پنهنجو پيار،
بڻـــايـــون سُک جو ڪو سـنـســار.

ذاتيون، پاتيون، فخر وڏايون، رنگ نسل جون سڀ اَرڏايون،
آهن جنگ فساد جو باعث، زهر سندو پرچار،
بڻـــايـــون سُک جو ڪو سـنـســار.

جنگ جدل آهي ڇوڏارِي، انسانن جو رت آ جارِي،
ساڙِي آهي دنيا ساري، نفرت جي پرچار،
بڻـــايـــون سُک جو ڪو سـنـســار.

رنگ نسل سڀ ڊونگ اجايا، پيٽ بکئي جا سانگ بڻايا،
گوري ۾ چا، ڪاري ۾ چا، ساڳيو آهہ ستار،
بڻـــايـــون سُک جو ڪو سـنـســار.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- جنگ ۽ فساد جو باعث ڪهڙيون ڳالهيون آهن؟

2- نفرت جي پرچار جو ڪهڙو نتيجو نڪتو آهي؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

حقارت – ڪينو – ساڙ – سنسار – ڪدورت – ارڏايون.

(ج) هم آواز لفظن کي قافيو چئبو آهي، جيئن: حقارت جو ڪدورت.

توهين هن نظم مان هم آواز لفظ ڳولي لکو.

(د) هيٺ ڏنل شعر مڪمل ڪريو:

○ جنگ جدل آهي چوڌاري، ____________ جو رت آ جاري،

ساڙي آهي ____________ ساري، نفرت جي پرچار.

ٻڌايون سُک جو ڪو سنسار.